الله، اي ڏٿي منهنجا! آءٌ ڪيئن جٿري رهي سگهنديس.

- يا الهي (سري راڳ وائي ١/١، ڪوهياري وائي ٥/٢) = يا الله!

- آهيين يا الاهي (ڪلياڻ ۴/وائي-٢)= اي الله سائين تون ئي مددگار آهين.

- يا اَمنَ اَمانَ (سري راڳ وائي ١/١)= يا الله! امن امان ڏي!

● ياد= يادگيري.

- جڏهن پَوي ٿي ياد، صُحبَتَ سُپيرين جي (برور ١/١)= جڏهن پيارن پرينِ جي رهاڻ ياد ٿي اچي.

- ڏرو يادُ نه ڪيئوءِ (سري راڳ ٣/١٦)= ٿورڙو به يادگيري ڪانه ڪَيَئي.

- جاڳي جَني يادِ ڪيئو (سري راڳ ١/٣)= جن راتيون جاڳي پنهنجي رب کي ياد ڪيو.

- تَنِ پيئي جانارَنِ يادِ (معذور ١/٣)= تن جانورن کي ياد پئي (جانورن سندس موجودگي محسوس ڪئي).

- جي جانارَنِ يادُ پُئين (معذور ١/٢)= جي تون جانورن جي ڏيان ۾ اچين.

- سَجَڻَ يادِ پئومِ (رپ ١/٣۴)= پيارو پرين مونکي ياد پيو.

- ياد ڪريان نه جَنِ کي (رپ ٢/٨)=جن کي ياد نه ڪريان.

● يارُ = دوست، سڄڻ، ساٿي، محبوب، پرين.

- جانبَ جاني يارَ (ڏهر ۴/١٧)= جان کي پيارا پرين.

- اَڄِ مُنهنجي يارَ (سارنگ ٢/١، وائي ۴/٢)= اڄ منهنجي يار سانوڻ (مينهن وسڻ وارا ويس ڪيا).

- تو جيڏا تو يارَ (سري راڳ ٢/۴)= تو جيڏا تنهنجا يار.

- جوڳي ڪنهِ نه يارَ (رامڪلي ۵/۴)= جوڳي ڪنهن جا يار ناهن (هو الله وارا آهن، هنن جي دنيا ۾ ڪنهن سان ياري ڪانهي.)

- سُڄِ اَدا يارَ (سري راڳ وائي ٣/١)= اي ادا يار! تون ڳالهه سڻ.

- ڪَنُ اڪيون ڪلُ يارَ (سارنگ ١/١٣)=اي يار، اڪيون ڪٿي مون ڏي نهار ۽ ڪل.

● ياڪي = يَڪي، اڪيلو، تن تنها (اصطلاح) لاغرض، پاڻ پنهنجي رضا وارو.

- يَارَ ٿئين ياڪي (برور ١/١١)= اي يار! تون وڃي جدا پاڻ پنهنجي رضا وارو ٿئين.

● 'يا لا'= 'يا الله' جو عام ٻوليءَ ۾ عام اچار.

- يارُ ميڙين يا لا (برور ١/٩)= ياالله مونکي پنهنجو يار ملائين!

● يُبصِرُ (رامڪلي ٣/١)= (ع.) ڏسي ٿو.

● يَسمَعُ (رامڪلي ٣/١) = (ع) ٻڌي ٿو.

● يَغفِرُ (ڪوهياري وائي ۴/٢)= مَغفِرتَ ڪري ٿو، بخش ڪري ٿو.

● يَمشِي (رامڪلي ٣/١)= (ع) هلي ٿو.

● يَنطِقُ (رامڪلي ٣/١)= (ع) ڳالهائي ٿو.

● يُونُسُ (مارئي ١٠/١٠)= قران شريف جي سُوره نمبر (١٠)، نبي حضرت يونس عليه السلام جو نالو.

# ڏسٽي


| | صفحو نمبر |
|---|---|
| الف | ١ - ٤١ |
| ب | ٤١ - ٤٦ |
| ٻ | ٤٦ - ٥٥ |
| ڀ | ٥٦ - ٦٤ |
| ت | ٦٤ - ٨٣ |
| ٿ | ٨٣ - ٨٦ |
| ٽ | ٨٦ - ٨٧ |
| ٺ | ٨٨ - ٨٨ |
| ث | ٨٨ - ٨٨ |
| پ | ٨٨ - ١٣٢ |
| ج | ١٣٢ - ١٥٤ |
| ڄ | ١٥٤ - ١٥٦ |
| جھ | ١٥٦ - ١٦٠ |
| چ | ١٦١ - ١٧٥ |
| ڇ | ١٧٦ - ١٨٠ |
| ح | ١٨٠ - ١٨٥ |
| خ | ١٨٦ - ١٨٨ |
| د | ١٨٩ - ١٩٦ |
| ڌ | ١٩٧ - ٢٠١ |
| ڏ | ٢٠٢ - ٢١٦ |
| ڊ | ٢١٦ - ٢١٧ |
| ڍ | ٢١٧ - ٢٢٠ |
| ذ | ٢٢٠ - ٢٢١ |
| ر | ٢٢١ - ٢٣٩ |

| | صفحو نمبر |
|---|---|
| ز | ٢٣٩ - ٢٤٠ |
| س | ٢٤١ - ٣٠١ |
| ش | ٣٠٢ - ٣٠٤ |
| ص | ٣٠٤ - ٣٠٦ |
| ض | ٣٠٦ - ٣٠٧ |
| ط | ٣٠٧ - ٣٠٩ |
| ظ | ٣٠٩ - ٣٠٩ |
| ع | ٣٠٩ - ٣١٤ |
| غ | ٣١٥ - ٣١٥ |
| ف | ٣١٥ - ٣١٧ |
| ڦ | ٣١٨ - ٣١٩ |
| ق | ٣٢٠ - ٣٢٤ |
| ڪ | ٣٢٥ - ٣٧٢ |
| ک | ٣٧٢ - ٣٨٣ |
| گ | ٣٨٣ - ٣٨٨ |
| ڳ | ٣٨٩ - ٣٩٥ |
| گھ | ٣٩٥ - ٤٠٠ |
| ل | ٤٠١ - ٤٢٥ |
| م | ٤٢٥ - ٤٧٠ |
| ن | ٤٧١ - ٤٨٨ |
| و | ٤٨٨ - ٥٣٥ |
| ه | ٥٣٥ - ٥٥٦ |
| ي | ٥٥٦ - ٥٥٧ |